جو سات ڏنو ۽ پاڻ پنهنجن ماڻهن سميت ميرن جي ديرن جي حفاظت ڪئي ۽ مضبوط پهرو ڏيارو مرزا قلب علي خان جو اُولاد اڄ ڏينهن تائين ٽنڊي آغا لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ آباد آهي.

ميان محمد يوسف هر لحاظ سان پنهنجو حق نمڪ ادا ڪيو. شعرو سخن سان هن کي جو شوق هو سو مصيبتن جي زماني ۾ نه ساڳيو رهيس پر ميان کي پيهر اهڙي محفل ميسر نه ٿيس جو اُهي ماڻهو ٽڙي پکڙجي ويا. ميان جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

## غـــزل

روز جهان سياه ز چشم سياه تست
خلقي به خون طپيده تيغ نگاه تست

آهسته نه قدم ک مبادا شود تباه
نور نگاه خلق همه فرش راه تست

بيداد ميکني و نترسي زباز خواست
روز جزا که جمله جهان داد خواه تست

کردن نگاه خوبان گناه من
دل بردن و نگاه نه کردن گناه تست

خواهي بباد برده و آباد ساز خواه
امروز در ممالڪ دل دستگاه تست

”يوسف“ ز روزگار مينديش و سربنه
بر آستان ميکده کانجا پناه تست

ميان محمد يوسف، مير صوبدار کان جي چوڻ تي ”مثنوي مهر و ماه“ لکي، جنهنجا اشعار هت ڏجن ٿا.

پس از هجرت چوشد بي قيل و بي قال
هزار و دو صد و پنجاه و شش سال

بتاريخ سعيد و ماه مسعود
چهارم شب ربيع‌الاولين بود

که شد پرداخته اين گنجينه راز
بکان لعل و بحر گوهر انبار

هي مثنوي انهن ئي شعرن تي ختم ڪئي ائس.

